# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVI مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXVI OF 2002
# سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002
# THE SINDH PROVINCE PENSION FUND ORDINANCE, 2002
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, Extent and commencement

2. فنڊ جو قيام

Establishment of Fund

3. فنڊ جي سنڀال

Maintenance of Fund

4. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of Board

5. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

6. فنڊ جا اڪائونٽس

Accounts of Fund

7. فنڊ مان رقم ڪڍرائڻ

Withdrawal of amount from the Fund

8. فنڊ جو ساليانو اسٽيٽمينٽ

Annual statement of Fund

9. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVI مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXVI OF 2002
# سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002
# THE SINDH PROVINCE PENSION FUND ORDINANCE, 2002

[26 آگسٽ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ پينشن فنڊ قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ پينشن فنڊ قائم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title,

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ صوبي جو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Extent and commencement

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب دفعہ 5 تحت جوڙيل صوبائي پينشن فنڊ بورڊ؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "فنڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل صوبائي پينشن فنڊ؛

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن ۾ بيان ڪيل.

فنڊ جو قيام
Establishment of Fund

3. (1) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، حڪومت هڪ فنڊ قائم ڪندي، جنهن کي صوبائي پينشن فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مالي سال 03_2002 کان بنيادي رقم 1200 ملين رپين سان قائم ڪيو ويندو.

(3) وسيلن جي دستيابي جي مناسبت سان فنڊ هر سال وڌايو ويندو. فنڊ ۾ اهڙي رقم جمع ڪرڻ سان جيئن حڪومت هر مالي سال جي سلسلي ۾ پنهنجي سمورين ذميدارين سان پينشن جي ادائگي لاءِ طئي ڪري.

(4) فنڊ ۾ جمع ڪرايل رقم الڳ هوندي ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ان کي هلايو ويندو.

(5) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 121(e) موجب پراونشل ڪنساليڊيٽ فنڊ مان فنڊ جو سمورو خرچ ڪڍيو ويندو.

(6) فنڊ ۾ جمع رقم اهڙي بئنڪ، ترقياتي مالياتي ادارن يا

قومي بچت اسڪيمن يا ڪنهن ٻي منافعي بخش اسڪيم ۾ سيڙائي ويندي، جيئن بورڊ منظوري ڏئي.

**فنڊ جي سنڀال**
**Maintenance of Fund**

4. (1) فنڊ يا ان جو ڪو حصو جيڪو وقتي طور دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (6) تحت سيڙايو نہ ويو هجي، اهو بورڊ طرفان حڪومت سان مشوري بعد طئي ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيو ويندو جيڪا وڌ ۾ وڌ منافعو ڏئي.

(2) فنڊ سرڪاري ملازمن جي پينشن جي مد ۾ خرچ ڪيو ويندو.

**بورڊ جي جوڙجڪ**
**Constitution of Board**

5. (1) فنڊ بورڊ جي ضابطي ۾ ان جي هٺ هيٺ هلايو ويندو جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i)چيف سيڪريٽري | چيئرمين |
| (ii)سيڪريٽري ماليات | ميمبر |
| (iii)سيڪريٽري (جنرل ايڊمنسٽريشن) S&GAD | ميمبر |
| (iv)چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان اداري جو ميمبر | ميمبر |
| (v)بئنڪ جو نمائندو، جنهن ۾ فنڊ رکيو ويو آهي. | ميمبر |

(2) ماليات جو ايڊيشنل سيڪريٽري، ماليات سيڪريٽري طرفان نامزد ڪيو ويندو جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(3) ماليات کاتو فنڊ لاءِ سيڪريٽريٽ سروس فراهم ڪندو.

**بورڊ جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the Board**

6. (1) بورڊ اهڙي وقت ۽ اهڙي هنڌ ۽ اهڙي تاريخ تي گڏجاڻي ڪندو جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(2) چيف سيڪريٽري، يا سندس غير حاضري ۾، ماليات

سيڪريٽري، بورڊ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3) بورڊ هن آرڊيننس تحت پنهنجي ڪاروهنوار جو طريقيڪار جوڙيندو.

(4) بورڊ جي سيڪريٽري سميت ڪنهن بہ ميمبر کي ڪو معاوضو نہ ڏنو ويندو.

**فنڊ جا اڪائونٽس**
**Accounts of Fund**

7. بئنڪ، جنهن ۾ فنڊ رکيو ويو آهي، اها فنڊ جي اڪائونٽس جو حساب رکندي ۽ اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**فنڊ مان رقم ڪڍرائڻ**
**Withdrawal of amount from the Fund**

8. (1) فنڊ مان سواءِ بورڊ جي منظوري جي ڪا بہ رقم نہ ڪڍي ويندي.

(2) فنڊ مان رقم چيف سيڪريٽري ۽ ماليات سيڪريٽري جي گڏيل صحيح سان انهن جي بورڊ ۾ چيئرمين ۽ ميمبر جي حيثيت سان ڪڍي ويندي.

**فنڊ جو ساليانو اسٽيٽمينٽ**
**Annual statement of Fund**

9. (1) ماليات کاتو مالي سان ختم ٿيڻ کان ٽينهن ڏينهن اندر فنڊ جي اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ تيار ڪندو.

(2) بورڊ لاڳاپيل مالي سال ختم ٿيڻ کانپوءِ فنڊ جي سنڀال بابت مختصر رپورٽ سان گڏ ساليانو اسٽيٽمينٽ حڪومت ڏانهن اماڻيندو.

(3) فنڊ جي ڄاڻايل طريقيڪار موجب آڊٽ ڪئي ويندي ۽ آڊٽ رپورٽ صوبائي اسيمبلي ۾ پيش ڪئي ويندي.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

10. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**